# سنڌ يونيورسٽيءَ جي دفتري زبان سنڌي مقرر ڪئي ويئي

## پروفيسر الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه — وائيس چانسيلر،

## سنڌيونيورسٽيءَ جي پريس پڌرائي

”... سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ’سنڌي‘ دفتري زبان رهندي. ان کي جائز مقام ڏيڻ کان روڪي نٿو سگھجي. باقي رهي اردو، سو اسان کي ان لاءِ احترام آهي. اردو پاڪستان جي قومي زبان آهي. اردوءَ لاءِ مون ۽ حسام الدين راشديءَ، ’مرڪزي اردو بورڊ‘ ۾ جيڪي خدمتون ڪيون آهن، ان جي سڀني کي خبر آهي.

”هيءُ فيصلو اهڙو آهي، جو آن تي ڪنهن کي به اعتراض هجڻ نه کپي. جيڪڏهن يونيورسٽيءَ جي دفتري زبان ’سنڌي‘ ٿي ته ان ۾ اُنهن سنڌين جو به ايترو ئي فائدو آهي، جيترو پراڻن سنڌين جو آهي. جيڪڏهن اردوءَ کي قومي زبان بڻائڻو آهي ته پوءِ سنڌيءَ ۽ اردوءَ کي هڪٻئي جي ويجھو اچڻ کپرجي. ٻنهي ٻولين کي قريب تر آڻڻ لاءِ ٻنهي ٻولين جو بقاءُ لازمي آهي.

”ڪي ڀلي ته سنڌيءَ کان نفرت ڪن، پر اسان کي اردوءَ لاءِ محبت آهي. سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ، اردوءَ جي ترقيءَ لاءِ اڻ ڪم ڪري رهيا آهن. ان جا اسان وٽ واضح ثبوت آهن...“

[روزانه ”هلال پاڪستان“، حيدرآباد — مورخه ٢٨-آگسٽ ١٩٧٠ع]